239

تصوف


# پير بادشاه
# لواري شريف

695

ڀاڳو سٿون

نشات
پبليڪيشن

Marfat.com


443
4908
4907
4906
440
4905
4904
Borda
C. Luietto
Mongardo
C. Sarvai
Sarvai
Bc del Barro
Cascine
Campi
Armetta
Secto Vadere
Bc Boschetto
Bc Vader
36
Bc doria
Bric Granze
C. Porretta
Secto Canai
Binelle
Bc Seddodona
Secto Vale
Bc Rochere
Buc della Pianura
Cavallotti
C. Selvetta
Secto Badalocchi
Bc Badre
C. Ursi
Bertolotti
Tecchio Gamba
Min. di Grafite
C. Ritano
C. Gdrolla
Giacchino
C. Mareri
C. Menado
Gennaro
Costa
Ozella
Barberis
Bc Castel Merlino

Marfat.com

# پير بادشاه
# لواري شريف

ڀاڳو سٿون

نشات
پبليڪيشن

Marfat.com

234
6957

جيئن ته بزرگان دين، اولياء ڪرام الله تعالى جي نور جا حامل آهن ۽ مقدس پيارا آهن. انهن جي زندگي جي حالات کان هر هڪ مومن کي واقف ٿيڻ باعث برڪت ۽ رحمت الاهي جو آهي.

اهل تصوف اولياء الله قدس سره جي حالات پڙهڻ سان انسان جي روحاني، اخلاقي حالت سڌري ٿي.

(حضرت پير بادشاه قدس سره)

Marfat.com



Marfat.com

53418

Marfat.com

۷۸٦

# گُل

## حضرت قبله پير بادشاهه خواجه پير گل حسن صديقي نقشبندي قدس سره لواري شريف

پاڳو ستون

ستين عرس مبارڪ جي مناسبت سان

۲۷- ذوالقعد ۱۴۰۹ھ مطابق ۲- جولاء ۱۹۸۹ع

مرتب:

احسان گل ڏاهري

ڇپائيندڙ:

نشـــات پبليڪيشن

Marfat.com

نشات پبليڪيشن جو ڪتابي سلسلو نمبر ۱۴

[حق ۽ واسطا قائم]

ڪتاب : پير بادشاهه لواري شريف ڀاڱو ستون
سهيڙيندڙ : احسان گل ڏاهري
تاريخ : ۲- جولاءِ ۱۹۸۹ع
ڇاپو : پهريون
ڇپائيندڙ : نشات پبليڪيشن
ڇاپيندڙ : ايم- خان پرنٽنگ پريس لڳ حيدر چوڪ
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.
ڪاپيون : پنج سؤ

ملڻ جا هنڌ:-

(۱) درگاهه لواري شريف، تعلقه و ضلع بدين
(۲) درگاه شريف حضرت قاضي احمد، تعلقه سڪرنڊ ضلع نوابشاه
(۳) اسلام قلب، ٦٧ گاردن ايسٽ، ڪراچي نمبر۳

PIR BADSHAH LUARI SHARIF VOL: 7
Edited by Ahsan Gul Dahri, 14th Presentation of Nishat Publication on 7th Aniversary of Hazrat Pir Badshah Pir Gul Hassan Siddiqui, 7th Sujjadah Nasheen Dargah Luari Sharif.

Marfat.com

# سنڌ



| | | |
|---|---|---|
| ـ تاثرات غلام شاه ڪلهوڙو | | ٨ |
| ـ تصوير روضه مبارڪ حضرت سلطان الاولياءَ | | ٩ |
| ـ تصوير حضرت امام العارفين | | ١٠ |
| ـ تصوير حضرت پير بادشاه | | ١١ |
| ـ تصوير موجوده مسند نشين | | ١٢ |
| ـ مهاڳ | | ١٣ |
| ـ عڪس تحرير حضرت پير بادشاه | | ١٧ |
| ـ عڪس تحرير حضرت پير بادشاه | | ١٨ |
| ـ تحرير حضرت پير بادشاه | | ٢١ |
| ـ تحرير حضرت پير بادشاه | | ٣٠ |
| **مضمون:** | | |
| حضرت پير بادشاه | احسان احمد شاه | ٣٢ |
| قرب واريون ڪچهريون | محمد لائق جوڻيجو | ٤٧ |
| هينئڙو حبيبن ساري | پير بخش جوڻيجو | ٥١ |
| انسانيت جي علمبردار | شفيق احمد ميمڻ | ٥٥ |
| **پنهنجي پاران** | احسان گل ڏاهري | ٥٩ |
| حاجي ڏتل کي خراج عقيدت | مرتب | پويون ورق |


Marfat.com

......در حقيقت هو هن مقدس شهر ۾ رهڻ ڏا ۽ سنه ١٠٠١ هه کان مستقل طور سندن گوشه نشيني واري زندگي رهندي هئي اچي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي خاندان جون اهڙيون عظيم روايات، بلند معيار ۽ تصوف جون دائمي خدمات آهن.

مياں غلام شاهه ڪلهوڙو
واليءِ سنڌ

Marfat.com



درگاھ فلڪ پائگاھ حضرت سلطان الاولياءؒ خاتم الولايت،
خواجہ محمد زمان صديقي نقشبندي قدس سرہ،
باني درگاھ عاليہ لواري شريف

Marfat.com



حضرت امام العالمين خواجه پير احمد زمان صديقي نقشبندي قدس سره،
ڇهون سجاده نشين درگاهه عاليه [illegible]اري شريف

Marfat.com



حضرت پير بادشاھ خواجہ پير گل حسن صديقي نقشبندي قدس سرہ،
ستون سجادہ نشين درگاھ عاليہ لواري شريف

Marfat.com



حضرت قبله سائين پير فيض محمد نقشبندي مدظله العالي
سجاده نشين درگاهه عاليه لواري شريف

Marfat.com

جيڪو ڪجهه به ضروري آهي ان کي ضرور حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا. اهي سندن ئي ڪوششون آهن جو اڄ جماعت ۾ تعليم عام ٿي ۽ جماعت جا فرد دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي پنهنجي گذر سفر ۽ سڌاري لاءِ محنت ڪري رهيا آهن.

جماعت جي ترقي لاءِ سندن ڪوششون هڪ مسلسل عمل هو. اهو هڪ مشن هو، ۽ سندن منشا اها هئي ته اهو مشن سندن بعد به جاري رهي. لهاذا پاڻ جماعت جي نوجوانن کي هميشه عزيز رکندا هئا. جيڪي مستقبل جا معمار آهن ۽ انهن تي پنهنجي خاص شفقت ڪندا رهندا هئا، ۽ کين ان مشن واسطي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿائيندا رهندا هئا.

سندن وصال مبارڪ بعد جماعت جي نوجوانن ناجيه شاگرد تنظيم ناهي. انهي جي پويان اهوئي مقصد هو ته سندن مشن کي جاري رکيو وڃي، ته جيئن جماعت جا نوجوان مذهب کي صرف رهبانيت جو سبق ڏيندڙ يا جامد سمجهي دنيا جي ڊوڙ ۾ پوئتي نه پئجي وڃن، يا وري دنياوي ڌنڌن ۾ ڪاهجي مذهب کان پري نه هليا وڃن. انهي ڪري ”نشات“ طرفان حضرت پير بادشاهه قدس سره جن جي هر ڏهاڙي مبارڪ جي موقعي تي سندن ارشادات، ملفوظات، مقولات ۽ سندن بابت لکڻين کي گڏ ڪري هڪڙو ڪتاب شايع ٿيندو رهيو آهي. جيڪو نه صرف اسان نوجوانن لاءِ بلڪ هر عمر ۽ هر طبقه فڪر جي ماڻهن لاءِ معلومات جو خزانو آهي.

هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون ڇاپيا ويا آهن تن ۾ فاضل ليکڪن پنهنجي ذاتي مشاهدي کي سامهون رکندي حضرت جن جي شخصيت جو خاڪو چٽيو آهي. اهو صحيح آهي ته هر شخص پنهنجي انفرادي ماحول ۽ شخصيت جي ڪري، پنهنجي هڪڙي مخصوص سوچ فڪر ۽ انداز رکي ٿو، مگر ڇا ڳالهه ڪجي سندن عظمت جي هرهڪ ماڻهو جيڪو سندن حضور ۾ آيو سو يقيناً هڪڙو ئي تاثر ته ضرور

Marfat.com

وني نڪتو تہ سندن جهڙو نيڪ، حليم ۽ جينئيس ڪو ٻيو نہ ٿيندو ۽ انهي ڳالهہ تي سندن ڪامياب زندگي دلالت ڪري ٿي.

هن ڪتاب مبارڪ لاءِ مهاڳ لکندي بي اختيار مرحوم پير علي محمد راشدي جا لفظ ذهن تي تري آيا آهن. مرحوم لکيو آهي ”پير سائين گل حسن رحمة الله عليه جي پاڻي جو درويش ۽ جامع الصفات پير مون ڪو ورلي ڏٺو.“ انهي مضمون جي پڇاڙي ۾ مرحوم لکيو آهي ”سندس جهڙا پير وري سنڌ ڪونہ ڏسندي.“

بهرحال هي ڪتاب اسان جي نوجوانن جي مذهبي ۽ طريقتي جذبن جو چٽو اهڃاڻ آهي ۽ اهو ثابت ڪري ٿو تہ اسان جا نوجوان بيشڪ اهڙي ماده پرست بي راه روي ۽ بيگانگي واري دور ۾ نہ صرف پنهنجي حفاظت ڪري سگهن ٿا، پر اهڙين حالتن ۾ وقت جي غلط ڌاري جو مقابلو مردانگي سان ڪرڻ وارو ست بہ سارين ٿا.

خدا تعاليٰ شال سندن ڪوشش کي ڪامياب بنائي ۽ هن مبارڪ ڪتاب جي پڙهندڙن ۽ حضرت پير بادشاه قدس سره جن لاءِ محبت ۽ عقيدت رکندڙن تي پنهنجي خاص مهرباني فرمائي. آمين!

**مقبول احمد ڪالپر**
نگران
ناجيہ شاگرد تنظيم جماعت لواري شريف

Marfat.com

حضرت پير بادشاه قدس سره جن جي ڪجھ
تحريرن جا عڪس پيش ڪجن ٿا.

Marfat.com

حضرت شريف دعوائن جي حضرت

آڄ تہ اها بشارت بہ صحيح ٿيندي نظر اچي يعني حضرت سردار شاه جي ماتحت ماڻهن

جي جماعت جدا ٿي چڪي آهي هر هڪ درشن سجاده نشين جانشين سجاده

نشين سائين حضرت سلطان الاولياء جي وقت ۾ [illegible] ڪان درشن ڏيندا

موجود

آيا آهن پر [illegible] اڄ ڪلهہ سائين [illegible] موجوده سجاده نشين حضرت

سائين صاحب آهي حضرت سردار شاه جي فرزند حضرت خواجه محمد حسن

عرف حضرت خواجه [illegible] جو مريد [illegible] ٿي ڏيندا بيعت

[illegible] وقت موجوده حضرت جي [illegible] جا مريد [illegible] ٿيندا

پير [illegible] مريدن [illegible] جماعت بيعت [illegible]

جو فرض حضرت ان وقت سائين [illegible] ڪيندا

Marfat.com

ٺٽي جي سماجي ڀلائي ۽ اڳ ۾ - موجوده پير صاحب

تي تعليم جي ڪري ھن علائقي جي پير صاحب جي مريدن ۾

جو ڳوٺن جي موجوده زماني جي تعليم کان واقف ھجڻ

وچ سنڌ جي ڪوششن سان ڳڙھي ۾ پاڻ ڏنو

جي سنڌ ھائي اسڪول قائم ڪرايو ان کان پوءِ [illegible]

ٽنڊي ۾ مير ناڻو بخش ھائي اسڪول قائم ڪرايو

جو ھن ٽنڊي مير خدا بخش جي ڪوششن سان ڪاليج جو بنياد رکيو

ٽنڊي مير خدا بخش جي ڪوششن سان جو جي ھائي اسڪول
ٽنڊو جان محمد ۾

قائم ٿي ويو آھي - پير صاحب جي ڪوششن سان [illegible]

لوڙهي شريف ۾ فوجي ٽريننگ حاصل ڪري پير صاحب جي ڪوششن

سان ٿي جا حر فقير ڪراچي کان پاڪستان ۾

[illegible] ١٩٧١ع ۾

[illegible] ۾ مشرقي پاڪستان ۾ [illegible] بنگالي

[illegible] پير صاحب [illegible]

[illegible]

[illegible]

حضرت پير بادشاه قدس سره جن جي زندگي مبارڪ جو گهڻو حصو مطالعي ۾ صرف ٿيو، ۽ سندن اها ڪوشش رهي ته انهي مطالعي مان جيڪو به حاصل ٿئي تنهن کي اڳتي منتقل ڪجي. ان لاءِ پاڻ جيڪو ڪجهه به پڙهيو هئائون يا جيڪو ڪجهه به ماحول جي مشاهدي مان ماڻيو هئن، يا پين مستند حوالن سان ڪا ڳالهه پڌي هئن، تنهن کي لکي ضرور رکندا هئا. سندن اهڙيون مايه دار تحريرون اسين اڳ ۾ به شايع ڪري چڪا آهيون ۽ انشاءالله شايع ڪندا رهنداسين.

زير نظر ڪتاب ۾ سندن هٿ اکرن ۾ لکيل کي روايتون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي هن اشاعت کان اڳ سينه به سينه منتقل ٿينديون آيون آهن.

اميد ته مهربان پڙهندڙ، ان مان ڪافي معلومات حاصل ڪندا.

(مرتب)

Marfat.com

Marfat.com

# احوال حضرت قبله گاه

حضرت امام مڪہ واري ڪان ٻڌائون تہ پاڻ هڪ ڪتاب مان سرياني يا عبراني زبان ۾ خداوند تعاليٰ جا نالا لکيل پڙهيا، جن بابت لکيل هو تہ انهن جي پڙهڻ سان روحاني فيض حاصل ٿو ٿئي. پوءِ سندن بنگلي تي سومهڻي جي نماز بعد پاڻ اهي نالا پڙهي رهيا هئا ۽ پاسي ۾ هڪ ملازم سمل هو، جو ڪين معلوم ٿيو تہ خداوند تعاليٰ جي نالي سان، جا قلب تي راحت حاصل ٿئي ٿي ان جي عيوض قلب مان نفرت معلوم ٿي. ان تي پاڻ اهو اکر پڙهڻ بند ڪري اکيون کوليائون تہ ڏٺائون تہ ڏاڪڻ، جيڪا بنگلي تي اچي ٿي، ان تان هڪ ماڻهو جي بدن وارو ننگو مگر مرد يا عورت جو ڪو نشان ڪين نہ هو، اهو هٽ اکيان پنيان ڪندو پئي آيو ۽ اکيون سيني تي هيون، سسي نہ هئي ۽ اندازاً ۷ يا ۸ قدمن تائين پهچي چڪو هو تہ پاڻ يڪدم قرآن شريف جي آيت پڙهيائون.

"قل رب اني اعوذبک من همزات الشياطين و اعوذبک ان يحضرون."

تہ يڪدم واپس روانو ٿي ويو ۽ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو ۽ سندس نمونو اچڻ وقت اهڙو هو جيئن وڙهڻ ايندو هجي. پوءِ پاڻ ڪجهہ دير اها آيت پڙهندا رهيا ۽ اهو وظيفو پڙهڻ بند ڪري ڇڏيائون.

۱۹۲۹ع ۾ حضرت قبلہ والد صاحب امرتسر ڪان ڪراچي آيا. پوءِ ٿوري وقت ڪان پوءِ پاڻ فرمائيندا هئا تہ انگريز هاٿي ختم ٿي ويا. جڏهن مون ۱۹۳۳ع ۾ نارٿ برٽش اينڊ مرڪنٽائيل

Marfat.com

۾ پنهنجي هٿ سان وڇايائون، جو ان وقت پيو ڪوبہ ماڻهو موجود نہ هو. پوءِ فقير جيئن آيا تيئن بيعت ڪندا ويا هئا. ان طرح حضرت ڪوٽ وارا شاهہ مسند تي ويهي ويا. پوءِ ميان ننديا جي ڪوٽ شريف ۾ رهندا هئا تن ڪين تنگ ڪرڻ شروع ڪيو جو پاڻ آخر لواري شريف مان لڏي ويا.

لواري جا لال ۾ لکيل آهي تہ پاڻ مير ڪرم علي جي جاگير ڀهباڏي ۾ وڃي رهيا پوءِ سندن واپس اچڻ تيو ۽ ميان ننديا نڪري ويا ۽ ميئن کي خيال هو تہ هاڻي اهو فيصلو آهي تہ ڪجهہ مهينا گادي وارو رهندو ۽ ڪجهہ وقت ميان ننديا ڪوٽ ۾ رهندا. مگر جڏهن ڪوٽ وارا شاهہ واپس آيا تہ ڏٺائون تہ ميئن ننڍن سخت بي ادبي سان ڪوٽ شريف ۾ هليا هئا يعني درگاهہ شريف جو ڪوبہ ادب نہ سڃاتائون پوءِ پاڻ پيهر نہ نڪتا ۽ جيئن ميان ننديا ٻاهر نڪري ويا تيئن ٻاهر ئي رهيا. پوءِ مختلف خاندانن سان تعلقات قائم ڪري انهن ڪوٽ شريف تي قبضي ڪرڻ جي تياري ڪئي. ان ۾ اهو سبب هنن ظاهر ڪيو هو تہ خواجہ گل محمدؐ جو پيو فرزند خواجہ عبداللطيف جو پٽ ضياءُ الدين ڪوٽ واري شاهہ جي وفات ڪان پوءِ گادي تي وهي. خواجہ عبداللطيف ڪوٽ واري شاهہ جي حياتي ۾ وفات ڪري ويو هو ۽ ان وقت خواجہ عبداللطيف جو فرزند ضياءُ الدين هو؛ جو سمجهجي ٿو تہ ميئن ننڍن سان شامل هو، جو ڪتاب ۾ ان کي ۽ ميئن ننڍن کي خارج از قلع لکيو ويو آهي.

قاضي ملوڪ نالي هڪ شخص، جنهن جي خاندان مان هن وقت قاضي چاڪر نابينا آهي، ان قاضي ملوڪ جي متعلق پاڻ فرمائيندا هئا، لواري شريف ۾ هو. ان خبر پئي رکي تہ ڪڏهن ميان ننديا ٽا حملو ڪن، جو اهڙا افواهہ هئا. تنهن هڪڙي ماڻهو تي ڪم رکيو هو تہ جڏهن ميئن ننڍن جي لشڪر جون پيڙيون تلهار کان ستين تڏهن بر وقت مون کي

گھوڙي تي چڙھي لواري شريف ۾ خبر ڏج. لواري شريف ۾ ڪوٽ واري شاھہ ڪاٻہ تياري ميَن ننڍن جي دفاع لاءِ نہ ڪئي ھئي.

ڪوٽ واري شاھہ جي بيماري جي حالت ھئي، ھڪ ڏينھن عالي فقير ڪي نورعلي شاہ لڪوي، جو ڪوٽ واري شاھہ جو علاج ڪندڙ ھو، عالي فقير ڪي خلاصو سڏي چيو تہ عالي فقير مون ڪي روحاني اطلاع ٿيو آھي تہ ڪوٽ وارا شاہ وفات ڪندا ۽ ميان ننڍا حملو ڪندا ۽ علاج ڪندڙ تي تھمت زھر جي ايندي. ان ڪري آءٌ پنھنجي ڳوٺ ھليو ٿو وڃان. باقي توھان ايترو ڪندا جيئن مديني وارا شاہ حضرت خواجہ محمد حسن ڪي وٺي اوھين ڪڇ ھليا وڃجو، تہ سجادہ نشين جو اولاد سلامت رھي. مون تقدير ڦيرائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ايستائين بہ ڪوشش ڪئي تہ انھيءَ تقدير ڦيرائڻ ۾ اگر منھنجي حياتي قبول پوي تہ بھتر. مگر منھنجي حياتي قبول نہ پئي. ان تي عالي فقير درويش چيو تہ تو جھڙو زبردست ماڻھو، جو ابدال جي درجي تي پھتل آھين، اھڙي وقت ڪيئن ٿو ھتان نڪري وڃين. مگر خواجہ نورعلي شاہ ترسڻ ڪان بلڪل انڪار ڪيو. ان تي عالي فقير چيو تہ چڱو نورعلي شاہ تون پنھنجي ڏاڙھي وچي ڪپي ۾ لڪاءِ، باقي اسان جي ڏاڙھي سٿن ۾ آھي، پوءِ بچي يا پٽجي وڃي. مگر نورعلي شاہ جواب ڏنس تہ توکي جيئن وڻي تيئن چئہ مگر آءٌ ھليو ٿو وڃان. پوءِ نورعلي شاہ تہ پنھنجي ڳوٺ روانو ٿي ويو.

عالي فقير نھايت دلگير ٿي ڪوٽ واري شاہ وٽ ويو. ڪوٽ وارا شاھہ ڪوٽ شريف جي اندر جتي ھينئر ننڍو بنگلو آھي، بہ طبقو، اتي ويٺل ھئا. عالي فقير غمگين حالت ۾ چپ ڪري ويھي رھيو. حضرت ڪوٽ واري شاھہ پاڻھين ڪيس چيو تہ عالي فقير نورعلي شاہ ڪي مليو ھئين؟ عالي فقير چيو تہ ھائو قبلا، پر نورعلي شاہ اھڙي ڳالھہ ڪئي جو منھنجو

Marfat.com

ٻڌي ته پاڻ فرمايائون ته: فقير خواهه مخواهه پنهنجي حياتي وڃائي. هن کي بي ادب ميان کي ڇڏڻ نه کپندو هو ۽ کيس قتل ڪرڻ کپي ها، جو هو خانقاه شريف ۾ جتين سان هليا آيا هئا ۽ ارادو هون ته ڪوٽ واري شاهه کي شهيد ڪريون. هڪ مير جهان خان پنجاهه ماڻهن سان لٿل هو. هو اگر ميان نندن تي حملو ڪري ها ته ميان نندن جو لشڪر يڪدم ڀڄي وڃي ها. مگر هن هڪ گهڙي تي ميان جي لشڪر کي روڪي ورتو ته ڪوٽ واري شاهه تائين پهچي نه سگهن. مگر حملو آور نه ٿيو. اگر هو همت ڪري ها ته ميان نندا ڀڄي وڃن ها ڇو جو هو ٽالپر هو ۽ ٽالپرن جي حڪومت هئي. اگر ٽالپرن مان ڪو قتل ٿي پوي ته ٽالپر ان جو راڄ ماري ڇڏين ها. مگر هن همت نه ڪئي، پوءِ جڏهن واپس آيو ته سندس والد ڪانئس خبرون پڇيون. سندس والد چيو ته ڇو تو ميان سان جنگ نه ڪئي. ته جهان خان جواب ڏنو ته مون کي لحاظ پيو ته خانقاه واري شاهه جو اولاد آهن. تنهن تي سندس والد چيو ته افسوس اهڙي وقت تو همت نه ڏيکاري، اگر تون ميان سان جنگ ڪندي قتل ٿئين ها ۽ تنهنجو لاش ڪڇي مون وٽ اچي ها ته آءٌ وڌيڪ خوش ٿيان ها، جو اهڙو موقعو تو وڃائي ڇڏيو. ٽالپر جن کي ملوڪ قاضي وٺي آيو هو، سي پٽ قلعي جي ٽيڙ بعد سڌا اتي پهتا، جتي ڪوٽ وارا شاهه ٽڪيل هئا يعني وڏي پراڻي بنگلي جي سامهون واري بنگلي ۾، جنهن کي ڪنهن وقت ۾ اوطاق چئبو هو. اتي ٽالپرن ڪوٽ واري شاهه جي اچي بيعت ڪئي ۽ عرض ڪيائون ته قبلا اجازت ڏيو ته ميان تي حملو ڪريون. مگر پاڻ فرمايائون ته اوهين حملو نه ڪريو هو پاڻهي ڀڄي ويندا ۽ ٽالپرن جي خوف کان هو ڀڄي ويا.

ٽالپرن کي ترار هڻڻ جي ضرورت نه ٿي. ان کان پوءِ ميان حڪومت ٽالپرن جي ۾ پڪاريو ته اسان کي ڪوٽ

شريف ۾ رهڻ لاءِ حڪومت طرفان اجازت ملي مگر ٻنهين پارٽين جون ڳالهيون ۽ ٽالپرن دعوا خارج ڪئي. وري ١٨٤٣ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ ورتي ته ميّن نندين حيدرآباد جي ڪليڪٽر راسبورن وٽ دعوا چاڙهي. جنهن فتويٰ ۾ لکيو ته لواري شريف جي بزرگن ۾ تڪرار آهي ۽ سجاده نشين جي عزيزن کي ڪڍيو ويو آهي. ۽ اهو معاملو اڳ ميرن جي ڪورٽ ۾ فيصلو ٿي ويل آهي. سرڪار ان کي بحال ٿي ڪري. اهو فيصلو اسان وٽ پيل آهي، ڪليڪٽر راسبورن جي صحيح ساڻ. مير غلام علي خان ٽالپر حاڪم سنڌ، لواري شريف جي ڪوٽ ڊهرائڻ لاءِ آرڊر ڪيو، جو ڪيس ماڻهن ٻڌايو ته انگريز جن ڪڇ تي قبضو ڪيو هو ۽ اتي جو راجا انگريزن جي ماتحت هو، تن بابت ته پئسا ڪوٽ واري شاهه ڪي ڏئي اهو ڪوٽ ٺهرايو آهي ۽ جنهن وقت موقعو ڏسندا ته رڻ لنگهي اچي لواري شريف جي ڪوٽ ۾ لشڪر وهاريندا ۽ اتان حيدرآباد جو ميرن جو تخت گاهه هو، ان تي حملا ڪندا. ان ڪري هن فوج موڪلي، جن اطلاع ڏنو ته اسان کي ڪوٽ ڊاهڻ جو آرڊر مليو آهي. پاڻ چيائون ته ڀلي وڃي ڊاهيو ۽ اهو به ٻڌو ويو آهي ته لواري شريف جي بزرگن جي خانداني روايت موجب انهن کي مهمان طور ماني به کارائي ٿي وئي. ان وقت مير محمود، جو ميرن جي فوج ۾ وڏو درجو رکندو هو، ان چوائي موڪليو ته مون کي اجازت ملي ته فوج وٺي حيدرآباد تي حملو ڪريان. مگر ڪوٽ واري شاهه منع ڪئي. ڪوٽ جون ٽي پٽيون ٽوڙي ڇڏيائون.! فقط مقام وارو پاسو يعني ڏاکڻي پٽ اڃا تائين اهڙا پڪي بيٺي آهي. بعد ۾ حضرت خواجه محمد حسن عرف حضرت مهاجر مدني وري ڪچي ديوار بنائي ان کي تيار ڪيو. اها ديوار حضرت پير احمد زمان قدس سره جي وقت ۾، جو پاڻ ١٩١٧ع ۾ لواري شريف ڇڏي ڪراچي ويا ۽ ١٩٢٣ع ۾ امرتسر

Marfat.com

روانا ٿيا وري ۱۹۲۹ع ۾ ڪراچي واپس آيا ۽ ۱۹۳۸ع ۾ آگسٽ ۲۷ ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪيائون. ان دؤر ۾ لواري شريف ۾ ڪو بندوبست نه هو ان ڪري گهڻي پاڳي اها ديوار ڊهي پئي هئي، جو مون ان کي وري واپس ڪچي ديوار بنائي درست ڪيو ۽ ڪجهه پاڳو پڪو به ڪيو. اگر خداوند تعاليٰ توفيق ڏني ته سڄي ديوار پڪي ڪرائي ويندي. منهنجو اندازو آهي ته اها شرارت به ڪوٽ شريف ڌهرائڻ جي ميان ننڍن يعني حضرت ڪوٽ واري شاهه جي ماتيجي پاڙن جي هئي، جو اهي ئي وڏا دشمن هئا ۽ هميشه سجاده نشين جا عزيز سجاده نشين سان حضرت سلطان الاولياءَ جي وقت کان دشمن ٿيندا آيا آهن ۽ مون راقم الحروف سان به عزيز ۽ رشتيدار انهي نموني سان هليا آهن. ڪوٽ واري شاهه جي فرزند حضرت خواجه محمد حسن عرف حضرت خواجه مهاجر مدني جڏهن گادي تي ويٺا ۽ بيعت ڪرائي وئي ته ان وقت موجوده ڪوٽ جي ڀتين تي جامڪي دار بندوقون پري ۽ جامڪيون دڪائي پهري تي بيٺا ۽ جماعت بيعت ڪئي جو خوف هو ته ان وقت ميان ننڍا حملو ڪندا. حضرت مهاجر مدني جا پاٽر غلام الله، عبيدالله، علي گوهر مان ٻه غلام الله جو پاڻ احوال ڪيائون جو هينئر راقم الحروف کي ياد نه آهي ته حضرت مهاجر مڪي يا مهاجر مدني بابت ته نزديڪ جي ڪنهن زميندار سان ڪو حڪومت ۾ معاملو هلندڙ هو ۽ ان بابت ميان غلام الله ان کي ڪو خط موڪليو هو ۽ ان ۾ سجاده نشين جي تڪرار بابت اهو شعر لکيائين ته:

دوشيران نر اند و يکران گور
نصيب ورا است که اور است زور.

ان لاءِ ته ان کي مقابلي لاءِ وڏيڪ جوش اچي.

Marfat.com

موجوده پير جي پيدائش ۳۰ آگسٽ ۱۹۰۹ع (تي) لواري شريف ۾ ٿي. ۱۹۱۷ع ۾ سندس والد ساڻ گڏ ڪراچي ۾ آيا. ۱۹۲۳ع ۾ امرتسر روانگي ٿي. ۱۸۲۹ع جي ڊسمبر ۾ سندن والد، جي ڪجھه وقت اڳ ڪراچي اچي ويا هئا، ڪين گهرائي ورتو. ان وقت کان سندن رهائش ڪراچي ۾ آهي.

۱۹۳۸ع آگسٽ مهيني ۾ سندن والد جي وفات تي لواري شريف ۾ سندن بيعت ٿي ۽ خاندان ۾ تنازعو ٿي ويو.

۱۹۵۴ع ۾ مشرق وسطيٰ جي دوري تي ويا، جتي بصره نزديڪ حضرت طلحه ۽ زبير جي، بغداد شريف ۾ حضرت خواجه عبدالقادر جيلاني جي ۽ حضرت امام ابو حنيفه جي ۽ ڪربلا ۽ نجف اشرف ۾ حضرت امام حسين ۽ حضرت علي جي ۽ دمشق ۾ حضرت ابن عربي جي ۽ مصر ۾ مشهور زيارتن تي ويا.

مصر ۾ جمعيت شان المسلمين جي پريزيڊنٽ سان ملاقات ڪيائون ۽ ان ماني جي دعوت ڏني ۽ مصر ۾ غازي عبدالڪريم ايف واري بنگلي تي سندس پٽ مسٽر سلام، جو ان وقت مصر ۾ ليفٽيننٽ هو اڄڪلهه وڏي عهدي تي آهي، ملاقات ڪيائون. غازي عبدالڪريم ان وقت موجود نه هو. مفتي امين الحسيني مرحوم ساڻ به ملاقات ٿي.

هن سفر ۾ عبدالرحمان بن عبدالڪريم سندن عام مختيار ۽ رئيس پيربخش هاشماڻي گاڏ وارو گڏ هئا.

موجوده پير صاحب کي گهڻو خيال آهي ته جماعت لواري شريف جي مردن ۽ عورتن کي موجوده زماني جي

تعليم کان واقف ڪيو وڃي. سندن ڪوشش سان ڪنڌڙه ۾ باگرائي جماعت هاء اسڪول قائم ڪرايو ۽ مرحوم مير احمد خان تنده جان محمد ۾ مير قادر بخش هاء اسڪول قائم ڪرايو جو هيڊماستر مير خدابخش جي ڪوشش سان ڪاليج ٿي ويو آهي، ۽ مير خدا بخش جي ڪوشش سان ڇوڪرين جو هاء اسڪول تنده جان محمد ۾ قائم ٿي ويو آهي.

پير صاحب جي اها به ڪوشش آهي ته جماعت لواري شريف فوجي ٽريننگ حاصل ڪري. پير صاحب جي ڪوشش سان مجاهد فورس ۽ ريگولر فورس پاڪستان ۾ ڪيترائي ماڻهو شامل ٿي ويا آهن. جن ١٩٧١ع واري جنگ ۾ مغربي پاڪستان ۽ مشرقي بنگال جي جنگين ۾ حصو ورتو.

پير صاحب سنڌي مسلمانن ۾ عيوض يا بدي جي شادي کي بالڪل خراب سمجهن ٿا ۽ چاهين ٿا ته هي بد رسم هن ملڪ ۾ نه هئڻ گهرجي.

Marfat.com

# حضرت مرشد کريم پير بادشاهه وڏل سردار قدس سره

حضرت پير بادشاهه وڏل سردار گل حسن جن تاريخ ١٣ شعبان المعظم ١٣٢٧هه مطابق ٣٠ آگسٽ ١٩٠٩ع بروز آچر شام جي وقت هن دنيا تي وارد ٿيا. يعني سندن ولادت با سعادت ٿي.

سندن اچڻ متعلق تمام گهڻيون پيشنگوئيون آهن. هتي چند ڏجن ٿيون.

(١) حضرت امام آلاولياء خواجه محمد سعيد مرشد مکي وارا امام قدس سره جن پنهنجي فرزند حضرت امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره جن جي شادي مبارڪ جي موقعي تي هڪ فارسي بيت مبارڪ چوڻ فرمايو آهي. جنهن ۾ پڻ سندن اچڻ جي خوشخبري ڏنل آهي.

"بهر تاريخ سرور شادي احمد زمان،
جان بهار آمد دلم هر گشت ازلب لباب،
سال تاريخش سعيد از سر بجسته بادعا،
باد در تزويج برڪت "گل" آمد در جواب"

(٢) حضرت مخدوم شهيد شيخ عبدالرحيم گرهوڙي عليه رحمت فرمايو آهي ته:-

"اٺ آسيو اٺ ماسيو اٺون اڌ توار
پرش ٿيندو پڌرو عيسيٰ جي آچار."

يعني اٺين مسند پاڪ جي آس يا اميد سان يعني ڪانئڻ

Marfat.com

رئيس ڏارو شاهه دڙاڻي عليه رحمت لواري شريف ۾ آيل هيو. اهو دؤر حضرت قبله امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره جن جو هيو ته بادشاهه جي هڪ نوڪرياڻي شاهه صاحب کي چيو ته ”ادا ڏارو شاهه ڪڏهين اوهان اهو سوچيو آهي ته بادشاهه کان پوءِ اوهان ڪنهن کي سائين ڪري سڏيندا“؟ شاهه صاحب جواب ڏنو ته ”ادي تو ماري ڇڏيو، منهن جي دل ۾ ڌڪ هڻي ڪڍيو آهي، صبحاڻي مان توکي ان جو جواب ڏيندس“. حاجي ڪامل ڳالهه ڪئي ته شاهه صاحب جڏهين به لواري شريف ۾ ايندو هيو ته مون وٽ رهندو هيو. مونکي پٽ ڪري سڏيو هئائين، ان ڪري مان ان جي جام خدمت ڪندو هيس. صبح جو مان آيس ته شاهه صاحب دستور جي خلاف ننڊ ۾ ستو پيو هيو ۽ بستري تي بي حال پيو هيو. مون زور ڏيئي سجاڳ ڪيو ته مونکي فرمايائين ته ”ڪالهه بادشاهه جي نوڪرياڻي مونکي هنئين چيو، ان بعد مان سڄي رات متوجهه ٿي ستائيندو رهيس. مگر حضرت پير بادشاهه اچڻ لاءِ مڃي ڏي نه، آخر پوئين رات پاڻ اچڻ قبول ڪيائون، ۽ پوءِ مون سائي رنگ جو پڪي روضه شريف حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي اندر موڪلي ڇڏيو. هاڻي سگهو ئي بادشاهه امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره جن جي حاويلي مبارڪ ۾ شهزادو سائين وارد ٿيندو“ وغيره وغيره.

پاڻ لواري شريف ۾ پيدا ٿيا ۽ پنجن سالن جي ڄمار ۾ سندن پڙهائي لاءِ استاد مقرر ڪيا ويا.

حضرت پير خواجه احمد زمان امام العالمين قدس سره جن پنهنجن ظاهر جي مائٽن جي ناروا سلوڪ اختيار ڪرڻ جي ڪري ٢٧ رجب ١٣٣٥ھ ۾ هجرت ڪري لواري شريف کان ڪراچي آيا ۽ اتي به سندن مائٽن کين چين سان وهڻ نه ڏنو، ته پوءِ ٢٥ رمضان ١٣٤١ھ ۾ ڪراچي کان هجرت ڪري

Marfat.com

کيس سڌ ڪري چيو تہ ”وڏل سردار ڪي ٻال راند ڪيڏايون“ سيٺ فضل احمد جواب ڏنو تہ ”مان ميٽرڪ جو امتحان ڏئي رهيو آهيان ۽ بادشاه امام العالمين جي حضور ۾ دعا خواهي لاء وڃي رهيو آهيان“. ۽ هو نہ آيو ۽ ميٽرڪ ۾ ناپاس ٿي ويو.

وري ٻي سال بہ ساڳي طرح سان حاجي احسان ميمڻ کين راند ڪرائي رهيو هيو تہ سيٺ فضل احمد اچي ويو. پاڻ حاجي احسان کي فرمايائون تہ ”هن کي چئو تہ اچي اسان سان راند ڪيڏي“. حاجي احسان سيٺ فضل احمد کي چيو مگر هن ساڳيو جواب ڏنو تہ ”مان ميٽرڪ جي امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاء دعا گهرڻ لاء بادشاه امام العالمين جي حضور وڃان ٿو“ ۽ نہ آيو. پوء هو وري بہ ناپاس ٿي پيو. حاجي احسان کيس چيو تہ ”تنهنجي پاس ٿيڻ جي مهل آئا هئي جا تو وڃائي ڇڏي.

سندن حافظو وري اهڙو چئو ۽ تيز هوندو هيو جو هڪ دفعي دورانِ ملاقات حاجي احسان ميمڻ کي فرمايائون تہ ”جڏهين مان ٻن ٽن سالن جو هيس تہ لواري شريف ۾ توسان جيڪو ڇريو وڙهي اها حقيقت مونکي چٽي ياد آهي“. جا ڳالهہ هڪ دفعي سندن نظر مبارڪ مان گذري يا پاڻ ٻڌائون اها ڳالهہ کين هميشه هميشه لاء حفظ ٿي ويندي هئي.

حضرت قبلہ خواجہ بادشاه امام العالمين پير احمد زمان قدس سره جن جڏهين امن ۽ صراط المستقيم جي دعوت ڪل بني آدم کي ڏني تہ دنيا جي منهن تي سڀ کان پهريون امن ۽ صراط المستقيم جو ”ڪل“ جو جهنڊو ۴ ذي قعد ١٣٣٨هہ تي بنگلي اسلام، قلب ڪراچي تي حضرت قبلہ مرشد ڪريم پير بادشاه جن حاجي احسان ميمڻ جي ڪلهي تي چڙهي چاڙهيو هيو.

Marfat.com

پاڻ نڌيي هوندي کان ئي پنهنجن ظاهر جي مٺن مائٽن جي منافقت واري رويہ جي ڪري انهن کان بيزار هوندا هئا ۽ سندن مائٽ گهڻو ڪري ان ڪوشش ۾ مصروف عمل هوندا هئا تہ ڪينئن بہ ڪري اسين ڪين عيسائي پنهنجي رعب هيٺ آڻي ڇڏيون، جا ڳالهہ ڪين هرگز منظور ڪانہ هئي. اهڙيون حقيقتون سندن جي ٻن خطن مبارڪن، هر هڪ "٩ مئي ١٩٣٥ع" ۽ "١٩ مئي ١٩٣٥ع"، بطرف حاجي قبول رح مان مان نظر اچن ٿيون. جنهن ۾ پاڻ لکن ٿا تہ "انهن جون نيتون اندران هڪڙيون، ۽ ٻاهران ٻيون آهن. اهي هرگز اسان جا خير خواه ڪونہ آهن. ان ڪري اسان جي ڪم ڪارين ۾ هنن کان هوشيار رهجو. انهن جي طرف جو ڪوبہ ماڻهو اسان جي ڪم ڪار ۾ نہ رکجو. ڪنهن غير ماڻهو کي رکجو مگر هنن جو ماڻهو نہ هجي."

وليداد امير مرحوم عليہ الرحمت بيان ڪندو هئو تہ آخري وقت ۾ شهنشاهہ امام العالمين خواجہ احمد زمان قدس سره جي ظاهري حالت ڪنهن ڪنهن مهل اهڙي ٿي پئي وڃي جو ڄڻ تہ پاڻ وصال فرمائي رهيا آهن. حاضرين هڪدم روئڻ شروع ٿي ڪيو تہ پاڻ هڪدم اکيون مبارڪ کولي فرمايو تہ "ڇو ٿا روئو؟ اوهان جي خوشي جو وقت هاڻي ٿو اچي".

تاريخ "٢٩ جمادي الثاني ١٣٥٧هہ" شام ٤ بجي بادشاہ امام العالمين خواجہ احمد زمان قدس سره جن جو وصال مبارڪ ڪراچي ۾ سندن بنگلي تي ٿيو. سندن هڪ مريد مير احمد خان ٽالپر ننده جان محمد واري سورهن هزار روپين ۾ اسپيشل ٽرين ڪراچي کان بدين لاءِ ڪئي. ان اسپيشل گاڏي تي حضرت پير بادشاہ قدس سره جن پنهنجي والد خواجہ امام العالمين قدس سره جن جو جسم مبارڪ کڻائي ڪراچي کان بدين آيا. ساڻن گڏ جماعت جا معزز ماڻهو ۽ سندن مائٽ حسن بخش،

محفوظ ۽ علي گوهر هئا ۽ سيد احمد شاه گرهوڙ وارو پڻ هيو جيڪو بدين کان واپس ڳوٺ هليو ويو ۽ لواري شريف ڪونه هليو.

حضرت قبله خواجه امام العالمين پير احمد زمان قدس سره جن کي روضه مبارڪ حضرت مالڪ سلطان الاولياء ۾ جاءِ ڏيڻ بعد جڏهن حضرت پير بادشاه قدس سره جن خانقاهه شريف ۾ جماعت کي بيعت ڪرائي ته سندن مائٽن حسن بخش، محفوظ، علي گوهر بيعت ڪانه ڪئي ۽ ان ئي ڏينهن ڳوٺ اشرف آباد وڃي رهيا.

ان بعد تاريخ "٤ محرم الحرام ١٣٥٨هه" تي پاڻ وڏن واري دستار مبارڪ پهري ارشاد جي مسند پاڪ تي ويهي بيعت ڪرايائون.

بادشاه امام العالمين خواجه احمد زمان قدس سره جي وصال ڪرڻ شرط ئي سندن مائٽن پير بادشاهه جي خلاف ڪيس شروع ڪري ڏنا. سندن جي ظاهر جي همشيره بيبي عنايت کي پڙڪائي، سندن جي متان ڪيس ڪرايائون. مير غلام علي تنده محمد خان واري کي پاڻ سان ملائي تراني ۾ جهيڙو ڪرايائون، جنهن ۾ سندن هڪ مريد غازي شهيد جمع فقير ڪڪراڻي گنداخه بلوچستان وارو شهيد ٿيو ۽ ٻيا فقير زخمي ٿيا. سندن ڪيترن نوڪرن کي جيل ۾ وجهرايائون.

سيد ابو طالب شاه دڙائي عليه الرحمت ان وقت درگاه شريف جو ملازم هيو ۽ انهن جهيڙن ۾ به هو. سندن طرفان جيل ۾ به رهيو هو - ۽ ٻارهن ڪيسن ۾ مک جوابدار هيو. حضرت قبله سائين پير بادشاه ڪريم قدس سره جن سائس اها مهرباني ڪئي جو پهرين ئي سال جي فصل جو ان بنئي ڪرائي ڪوٺ پاڪ اندر اچي رکايائين.

آخرڪار جڏهين بيبي عنايت کي ڪجهه به حاصل

ڪونه ٿيو ته اچي سندن کي منٿ ڪيائين ۽ ڪيس تان ٻه هٿ کنيائين پوءِ مير احمد خان ٽالپر ٽنڊه جان محمد واري پنهنجي طرفان ڪيس چار سو ايڪڙ زمين ڏني. جنهن مان هو پڇاڙي سوڌو گذر سفر ڪندي رهيو. آخر ۾ سندس وفات ڪراچي ۾ ٿي. ۽ دفن به اتي ٿي يعني ڪراچي ۾ ٿيل آهي. مگر حضرت پير بادشاهه قدس سره منهن ڏسڻ يا جنازه ۾ ڪونه ويا پر حاجي شفيع (ملازم) کي موڪليو هئائون.

حضرت پير بادشاهه قدس سره جن پنهنجي خداداد ذهني قابليت سان سيني علم معقولات ۽ منقولات تي مڪمل دسترس حاصل ڪيو. پاڻ سيني علمن تي مڪمل عبور رکندا هئا. پاڻ سنڌي کان علاوه اردو، عربي، انگريزي، پارسي، پنجابي پڻ پڙهي، لکي ۽ سمجهي سگهندا هئا. ان کان علاوه پاڻ عبراني زبان پڻ پڙهي، سمجهي ۽ ڳالهائي سگهندا هئا. سندن قابليت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته حاجي احسان ميمڻ عليه الرحمت کان روايت ته هڪ دفعي شهنشاهه امام العالمين قدس سره جن جي حضور ۾ لواري شريف ۾ ڪجهه مولوين جي ملاقات دوران پاڻ فرمايائون ته ”توڪل ئي آهي جيڪا تقدير کي ڦيرائي ٿي ڇڏي“. اها تقرير مبارڪ سندن اٽڪل ٣-٤ ڪلاڪ هلي ۽ مختلف نمونن سان ۽ مختلف دليلن سان پاڻ اها ثابت ڪري فرمايائون ته ”فقط توڪل ئي تقدير کي ڦيرائي سگهي ٿي“. سندن انهن لفظن مبارڪن جو حاجي احسان ميمڻ تي اهڙو ته پڪو اثر پئجي ويو جو هن پاڻ کي توڪل تي ڦيرائي ڇڏيو ۽ توڪل کي پنهنجي عادت بنائي ڇڏيائين. ان بعد پاڻ لواري شريف کان ڪراچي ۽ ڪراچي کان امرتسر اچي رهيا.

امرتسر ۾ هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته ”تدبير ئي آهي جيڪا تقدير کي ڦيرائي سگهي ٿي. حاجي احسان ميمڻ سندن

Marfat.com

اها تقرير ٻڌي. ساڳئي هستي پاڪ کان متضاد فرمان پاڪ
سندن زبان مبارڪ مان ٻڌڻ کان پوءِ ڏاڍو پريشان ٿي ويو ۽
ڪيس پڪ ٿي ته تدبير ڪانسواءِ تقدير نٿي بدلجي سگهي.
مگر هن پاڻ کي سالن کان توڪل جو عادي بڻائي ڇڏيو
هو، سو هن کي توڪل ڇڏي تدبير جي پويان هلڻ ڏاڍو
مشڪل نظر اچي رهيو هيو. ان تقرير ٻڌڻ کانپوءِ ڪيس سڄي
رات ننڊ نه آئي ۽ اهو سوچيندو رهيو ته هاڻ هو ڪهڙي تدبير
کي عمل ۾ آڻي سگهندو. صبح جو هو امرتسر جي بازار ڏانهن
پيدل پئي ويو ته اوچتو ڪيس آواز ٿيو، ڏٺائين ته پاڻ حضرت
قبله پير احمد زمان قدس سره جن ٽانگي ۾ ويٺل آهن ۽ حاجي
احسان کي فرمايائون ته "بنگله پاڪ تي وڃ جو ٻچا (پير
بادشاه قدس سره) جن اڪيلا آهن ۽ اتي ڪوبه خدمتي ڪونه
آهي. توُن اُتي خدمت ۾ رهج جيستائين ڪو ٻيو خدمتي
اچي وڃي." حاجي احسان ميمڻ سڌو بنگله شريف تي آيو. حضرت
قبله مرشد پير بادشاه قدس سره جن ڪيس فرمايو ته حاجي احسان
ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن ته شطرنج ڪانه کيڏي اٿئون. هي چاٻي
ڪڍ ۽ هن پيتي مان راند ڪڍي اچ ته شطرنج ڪريون.
حاجي احسان ميمڻ ان پيتي مان راند ڪڍي ۽ راند ڪندي
حاجي احسان ميمڻ کان وڏي غلطي ٿي ويئي جنهن تي پاڻ
پير بادشاه قدس سره جن فرمايو ته "چاق آهين يا بيمار؟
توُن اهڙيون غلط چالون هلندين ته راند جو مزو ڪهڙو ايندو."
وڌيڪ پاڻ فرمايو ته "ڏس هي ڪيڏي نه غلط چال هليو آهين."
حاجي احسان ميمڻ عرض ڪيو ته "قبله چاق به آهيان ۽ بيمار
به." پوءِ حاجي احسان فقير سربستو احوال سندن (حضرت قبله خواجه
شهنشاه امام العاشقين پير احمد زمان قدس سره جن جي تقريرن
مبارڪن) وارو عرض ڪري ٻڌايو ۽ چيائين ته هاڻ مان سخت
مونجهاري ۾ اچي ويو آهيان. تنهن تي پاڻ مرشد ڪريم قبله

پير بادشاه قدس سره جن ته پڻ فرمايو ته ”ڇا توڪل مڪمل تدبير ڪانهي ڇا ؟ جي راند سولي نموني ڪرڻي هجي ته ڪر نه ته ڪٺي راند بند ڪريون.“ سندن ايتري چوڻ سان حاجي احسان ميمڻ جا سڀ مونجهارا ختم ٿي ويا. ڇو ته ٻئي ڪلام پاڻ ۾ متضاد نه پر هڪ ٻئي جي تشريح ۾ هئا جيڪي ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيا. ان بعد هن راند ڪيڏي ۽ مڪمل ڪٺي مطلب ته پاڻ هميشه پنهنجي اعليٰ دماغي قابليت، تدبر ۽ فراصت سان ٿورڙن لفظن ۾ مڪمل ۽ مجمل جواب ڏيندا هئا، جنهن سان منجهيل مسئلن جو حل با آساني واضع ٿي ويندو هو.

پاڻ لواري شريف جي تاريخ ۾ حضرت قبله پير خواجه محمد حسن ”شاه مدني“ قدس سره کان بعد سڀ کان وڌيڪ عرصو يعني ٤٤ سال ارشاد جي مسند تي رهيا آهن. ۽ اهو سندن اعليٰ دماغ ۽ قابليت جو نتيجو آهي جو اڄ لواري شريف جهڙي ننڍي ڳوٺ ۾ بجلي، واٽر سپلائي، ٽيليفون ايڪسچينج، گورنمنٽ هاءِ اسڪول، گورنمنٽ گرلز مڊل اسڪول جهڙيون وڏيون سهوليتون ميسر آهن. لواري شريف ۽ ان جي آسپاس وارين زمينن کي پاڻ آبادي هيٺ آندائون جي اڳ غير آباد ۽ بنجر هيون. انهن زمينن ۾ هن وقت باغ ۽ ميوه دار وڻ بيٺل آهن.

پاڻ يتيمن جا ياور، غريبن ۽ نادارن جا همدرد هوندا هئا. سندن وٽ امير خواه غريب هڪ صف ۾ ويهي ملاقات جو شرف حاصل ڪندو هيو. پاڻ ڪڏهن به ڪنهن مريد ۾ ڪو لالچ ڪونه رکيائون. اڃان به غريب نادار مفلس مريدن جي مدد ڪري انهن کي پڙهائيندا هئا ۽ بيمارن جو پنهنجي خرچ تي علاج ڪرائيندا هئا. ڪو به مريد ڪنهن به مسئلي کي کڻي سندن حضور ۾ ايندو هيو ته پاڻ ان کي چڱي طرح

Marfat.com

سان پڌي ان جي صحيح رهنمائي ڪندا هئا. پنهنجي ملازمن تي حد کان وڌيڪ مهربان هوندا هئا. سندن انهن خوبين ۽ خصلتن کي نظر ۾ رکندي ملڪ جو نامور اديب محترم پير علي محمد راشدي سابق وزير اطلاعات و نشريات حڪومت پاڪستان پنهنجي تاثرات ۾ صاف صاف لکي ٿو ته "پاڻ پنهنجي زماني جا پير به هئا ته بادشاه به هئا. پاڻ پاڻي جا درويش ۽ جامع الصفات پير هئا. سندن جهڙا پير وري سنڌ کون ڏسندي".

سيد احسان احمدشاه ولد سيد ابو طالب شاه لڪياري ڏڏائي سال ۱۹۷۱ع ۾ بنگال ويو جتان جنگي قيدي بڻجي هندوستان ويو. پهرين سال جي سردين ۾ پير بادشاه جن ڪيس هڪ گرم جرسي پارسل ڪري موڪلي ۽ نوازش نامون پڻ موڪليو ته "سرديون آهن تو وٽ الائي گرم ڪپڙو هجي يا نه، ان ڪري اسان هي جرسي موڪليون ٿا". ان کان علاوه وقت به وقت ڪيس پير بادشاه نوازش نامو موڪليندا رهندا هئا جنهن ۾ دلجاءِ ۽ تسلي جهڙيون شفقتون لکيل هونديون هيون.

پاڻ ڪافي ملڪن جو سير ڪيائون ۽ پنهنجا سفرناما پڻ قلمبند ڪيا اٿن. پاڻ جتي جتي به ويا آهن ۽ جن جن وڏين هستين سان سندن ملاقاتون ٿيون آهن اهي هميشه سندن قابليت ۽ تدبر کي داد ڏيندا رهندا هئا.

پاڻ گهڻو ڪري سڄي حياتي پنهنجي عزيزن جي طرفان ڏکائبا رهيا. شايد ئي ڪو اهڙو لمحو هجي، جنهن ۾ سندن ظاهر جي مائٽن کين سک ۽ چين سان وهڻ ڏنو هجي! ۽ پنهنجن ظاهر جي مائٽن جي اهڙي ناروا سلوڪ اختيار ڪرڻ جو ذڪر پاڻ هميشه پنهنجن سيني مريدن ۽ دوستن سان ڪندا رهيا آهن. جن ۾ سندن اهي لفظ مبارڪ شامل هوندا هئا. "هت ته نيڻي کي برغلائي پاڻ سان ملائي مونکان نيائي جو ڪيس

ڪٽي ويا. مگر موں الله پاڪ جي دربار ۾ ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي. مان هُن جهان ۾ پنهنجو حساب ڪتاب ضرور وٺندس". ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجن انهن مائٽن جو ذڪر ڪندي ڏک ڪان سندن اکين مبارڪن ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هيو، مگر پاڻ صبر ۾ رهيا.

سندن ڪيتريون ڪرامتون آهن جي بي اختيار ٿي ويندڙيون هيون ورنه پاڻ ڪرامت ڪرڻ جي خلاف هئا. انهن ڪرامتن لاء علحده دفتر گهرجي. پاڻ فرمائيندا هئا ته "ڪوبه شخص دل جي سچي عقيدي سان دعا گهرندو ته ان کي فائدو ٿيندو باقي جنهن شخص کي اولياء الله ۾ ايمان ئي ڪونه هوندو ته ان کي ڪوبه فائدو ڪونه ٿيندو. جهڙي طرح سان اسلام آهي، اسان کي اڪيون پوري ايمان آڻڻو آهي. هيئن يا هون نه ڪرڻو آهي. اولياء الله تي به ائين ايمان آڻڻو آهي ته پوءِ ان شخص جي دعا قبوليت هيٺ ايندي". سندن هڪ هڪ لفظ در ناياب، معنيٰ جا موتي آهن. پاڻ جهڙي اعليٰ دماغي قابليت، خداداد صلاحيت، فهم وفراست ۽ تدبر سان هي هندو پاڪستان جي وڏي روحاني درگاهه هلايائون. اهو درگاهه لواري شريف جي تاريخ ۾ هڪ سونهري دور، بينظير ۽ عظيم الشان مثال آهي. هي سندن ئي دوُر آهي جنهن ۾ جماعت لواري شريف هڪ خوشحال جماعت بنجي وئي. اهو سڀ ڪجهه سندن ذاتي توجهه، محنت ۽ ڪوشش سان ئي ممڪن بنجي سگهيو آهي.

پاڻ شريعت محمدي جا سخت پابند هئا ۽ ڪلي طرح سان پنهنجن پوئلڳن کي سختي سان هدايت ڪندا رهيا ته هو نماز، روزو، حج، زڪوات پابندي سان ادا ڪندا رهن. سندن اٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ نبي پاڪ صلعم جي سيرت پاڪ جو مظهر هيو. پاڻ صديقي خاندان جا ۳۷ پيڙهي مبارڪ خليفه اول حضرت ابوبڪر صديقي رضي الله عنهه جا آهن ۽ سلسله

تي سختي سان عمل ڪندي موجوده سجاد نشين درگاهه لواري شريف حضرت قبله پير فيض محمد جن جا سچا ۽ وفادار مريد تي رهون ۽ آقا پير بادشاهه قدس سره جن جي دشمن، جن سچي حياتي ۾ هڪ پل به ڪين سک ۽ آرام سان وهڻ نه ڏنو، کان هميشه قطع تعلق رهون - آمين .

اڄ پڻ اڪڙين سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن
سنڌيءَ سڪ پرين لوڪ ڏني نه لهي.
(شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح)

هن مقالي جي تياري ۾ هيٺين ڪتابن تان مدد ورتي وئي.

(١) لواري جا لال — محمد پناهه ڦرڙو
(٢) پير بادشاهه لواري شريف — عبدالعزيز لانگاهه
(٣) پير بادشاهه لواري شريف جلد ٻيو — شرف الدين جوڻيجو
(٤) اردو مختصر تذڪره اوليا مشائخ لواري شريف
محمد حنيف مهر ڪاڇيلوي

Marfat.com

محمد لائق جوڻيجو

# قرب واريون ڪچهريون

* گلگلو فقير ميمڻ مديني واري بادشاهه جي وقت جو هو. ڳالهه ڪندو هو ته مون چار بادشاهه ڪريم ڏٺا آهن. مديني وارو شاهه، مڪي وارو شاهه، حضرت امام العارفين ۽ حضرت پير بادشاهه. حضرت پير بادشاهه جن جڏهن ننڍا هئا ته کين ڪٽي گهمائيندو هوس. پاڻ ڪريم گلاب جا گل ڪٽي منهنجي وات ۾ وجهندا هئا ته کاءُ. آءٌ چوندو هوس ته ــ گلگلو غلام گل حسن جو گلاب جا گل کائي.

* پاڻ حضرت جن جڏهن مسند پاڪ تي ويٺا ته اهو زمانو انگريزن جي دؤر حڪومت جو هو. پاڻ فرمايائون ته اسان ديوان حافظ تي فال وڌي ته انگريز هن ملڪ ۾ رهندا يا هليا ويندا. ۽ فال ۾ جيڪو شعر نڪتو تنهن جي معني اها هئي ته ”اسان هن ملڪ کي گهڻو آزمايو هاڻي تيز ويڙهي واپس وڃون ٿا.“ پوءِ ٿيو به ائين جو جلدئي انگريز ملڪ ڇڏي ويا.

* پاڻ فرمايائون ته ڪوبه شخص دل جي سچي عقيدي سان دعا گهرندو ته ان کي فائدو ٿيندو، باقي جنهن ساڌوءَ کي اولياءَ الله تي ايمان ئي نه هوندو، ان کي فائدو ڪونه ٿيندو.

* هڪ دفعي پاڻ فرمايائون ته اخبار ۾ آيو آهي ته حيدرآباد جي پاسي ٻن ڄڻن پاڻ ۾ مائٽي ڪئي. هڪڙي پنهنجي

Marfat.com

ڀيڻ ڀاءُ کي پرڻائي ڏني ۽ ان جي ڀيڻ پاڻ پرڻيو. هي ٻئي زال مڙس پاڻ ۾ نه نڀيا ۽ هن جي زال وڃي مائٽن ۾ ويٺي. مائٽن هن کي اڪسايو ته ڀيڻ به ويٺي ۽ زال به ويٺي، ان تي ڪاوڙ آيس سو بندوق کڻي زال جي گهر ويو، ڀيڻ کي به ماريائين ۽ زال کي به ۽ هاڻي پاڻ ڦاهي چڙهي ويندو. اهو مثال ڏيئي فرمايائون ته بدي جو اهو نتيجو آهي.

* سندن حڪم هوندو هو ته اگر منهنجي ٻاهر وڃڻ کان پوءِ ڪو بيمار اچي وڃي يا ڪو ملازم بيمار ٿي پوي ته ان جو فوراً علاج ڪرايو وڃي. منهنجي حڪم لاءِ نه ترسندا. اهڙو حڪمي حرامي مون کي نه گهرجي جيڪو منهنجي حڪم جي انتظار ۾ ويٺو هجي ۽ ماڻهو ڀلي مري وڃي.

* ڪنهن به ماڻهو جي غلطي ٿي يا ڪو بي واجبي ڪم ٿيو ته ان جي پوري پوري تحقيقات ڪندا هئا. ڪو معافي جو عرض ڪندو هو ته فرمائيندا هئا ته معافي جي ڳالهه مون وٽ نه آهي، آءٌ پوري پوري تحقيقات ڪندس ته ائين ڇو ٿيو.

* حضرت جن پوشاڪ سادي پائيندا هئا. گرمي ۾ به ڪوٽ پائي ٻاهر نڪرندا هئا. فرمائيندا هئا ته مون کي گرمي محسوس ڪانه ٿي ٿئي. گرميءَ ۾ بہ گرم ڪپڙا پائي ٻاهر نڪرندا هئا، پوءِ ڀلي منجهند جو وقت هجي.

* پاڻ فرمايائون ته اسان جي جماعت ۾ اڳي ڏاڍي غربت هئي. پوءِ ڪڏڙي وارن جو مثال ڏيئي فرمايائون ته جڏهن لواري شريف ايندا هئا ته زيور گروي رکي ايندا هئا. مگر هينئر ڌڻي جي مهرباني سان آسودا آهن.

* پاڻ فرمايائون ته هڪ درويش اک ڪان ڪاڻو هو، وات

Marfat.com

لواري شريف آيو هو. جنهن ڳالهه ڪئي ته لواري شريف جو شهر ڦٽي وري نئين سر آباد ٿيندو. اها ڳالهه اسان جي مامي حاجي قبول پڌائي.

هڪ ڏينهن فرمايائـون "لائـق اسان جي جماعت ۾ ڪو پنندڙ آهي؟" بنده عرض ڪيو "قبله سائين مالڪ جي وڏي مهرباني آهي جو ڪوبه جماعت وارو پنندڙ نه آهي."

هڪ ڏينهن پاڻ ڪاپي مشق واري تي هي لفظ مبارڪ لکيائون:

بادشاهان مال مست و ما غريبان حال مست،
خوب رويان ناز مست و عاشقان ديدار مست.

Marfat.com

پير بخش جوڻيجو

# هيڻڙو حبيبن ساري

سنڌ ڌرتي ڇو نه ناز ڪري ته سنڌس ٿڻان ان هستي ڏيرو دمايو، جنهن جي اچڻ سان هن ڌرتي جي رهواسين کي روحاني تعليم ۽ تصوف جو درس مليو هو ۽ ته تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي ته سنڌ ۾ اسلام جي آمد سان هتي درويشن ۽ بزرگن پنهنجون درسگاهون کوليون ۽ علم تصوف جي پرچار ٿيڻ لڳي. انهي سلسلي کي وڌ ۾ وڌ عروج حضرت سلطان الاولياءَ خواجه محمد زمان صديقي نقشبندي قدس سره جن جي زماني ۾ آيو. نه صرف اهو زمانو بلڪ اهو سلسلو خداوند ڪريم جي منشا مطابق هلندو رهيو ڌانجو هن دنيا ۾ اهڙي هستي قدم مبارڪ رکيو. جن جي اچڻ سان سنڌ ڌرتي جيڪو به ناز ڪري اهو بجا ٿيندو. اها هستي هئي حضرت پير بادشاه خواجه گل حسن نقشبندي جن جي.

پاڻ ١٣ شعبان المعظم ١٣٢٧ھ بروز اچر شام جو لواري شريف ۾ تولد ٿياه سندن زندگي مبارڪ جو احوال مختلف ڪتابن توڙي رسالن ۽ اخبارن ۾ اچي چڪو آهي. تنهن ڪري آءٌ هتي صرف ان رمزن جو ذڪر ڪندس جن جو مسڪين مشاهدو ڪيو.

هڪ وقت جي ڳالهه آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ اچي جانورن جي بيماري پئي. ڪجهه ماڻهن جون مينهون ان بيماري ۾ ضايع ٿي ويون. آخرڪار ڳوٺ مان ڪنهن ماڻهو، مال کي

Marfat.com

جون پنهنجي پنهنجي زماني ۾ جماعت جي مثان ايتريون ته نوازشون رهيون جنهن جو ڪو شمار ناهي. جڏهن حضرت قاضي احمد دمائي رحمة الله عليه جن جيڪي حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن جي وڏن ۽ مقرب اصحابن منجهان هو، تنهن حج تي ويندي، موڪلائڻ مهل پڇيو ته ”قبلا مرشد ڪڏهن ڪم ايندو آهي؟“ تنهن تي پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته ”دنيا ۾، قبر ۾، حشر ۾.“

اهڙي طرح سچو مرشد اهو آهي جو پنهنجي هر مريد کي هر تڪليف ۾ ان جي مدد ۽ رهبري ڪري، ۽ اسان تي اهو لازم آهي ته جيترو ٿي سگهي ان مرشد ڪامل جي تعريف ۽ تعظيم ڪيون.

از: شفیق احمد میمن

# انسانیت کے علمبردار

دولت کی ریس، نفسا نفسی اور اسکے باعث ذھنی خلفشار اور جھوٹی انانیت۔ یہ وہ نمایاں باتیں ہیں جو کسی قوم کی زوال پذیری کی جانب نشاندھی کرتی ہیں اور ان اوصاف کے حامل معاشرے میں انسان دوست اور اعلیٰ اخلاق رکھنے والے نبوت محمّدی صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم کے حقیقی وارثوں کو کئی پردوں میں چُھپا دیا جاتا ہے۔ اور اپنے اعمال کے باعث تباہیوں اور بربادیوں کو دیکھ لیتی ہیں اور پھر توبہ کا خیال آتا ہے تو پھر ایسی ھستیوں پر سے پردوں کو ہٹایا جاتا ہے اور ان کا فیض حاصل کر کے امن و آشتی کا دور آتا ہے۔

ہمارے معاشرے میں یہ ہستیاں بھی اب کئی پردوں میں چھپا دی گئی ہیں اور معزز و معتبر وہ شخصیتیں ہیں جو CURRUPT بیوروکریسی سے ہوں یا ان سے تعلق رکھتی ہوں۔ اپنے غریب اور ناخواندہ عوام کے بل بوتے پر گندگیٔ سیاست میں گھسی ہوئی ہوں۔ یہاں رواج ہے دوستی اور تعلقات بڑھانے کا انہی شخصیتوں سے PAJERO اور بڑی بڑی کوٹھیوں کے بغیر کسی کو معزز او معتبر نہیں سمجھا جاتا۔ مگر اللہ کی رحمت اور عنایت ہے اُن پر کہ جن لوگوں کو اعلیٰ اخلاق اور نبوت محمّدی صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم کے حقیقی وارثوں سے تعلق میّسر ہوتا ہے۔ اور ان کا دیدار اور ان کی حاضری خدا کی عنایتوں میں سے ایک بڑی عنایت ہوتی ہے۔ مالکِ رحیم و کریم کا بیشمار شکر مہربانی نوازش اور عنایتیں ہیں کہ اس دورِ پرآشوب میں اس بندہ گناہ گار و عاجز کو ایک عظیم الشان ہستی کے مرید ہونے کا شرف نصیب ہوا الحمدُ للہ

Marfat.com

آپ یعنی حضرت پیر گل حسن قدس سرہٗ کے اعلیٰ اخلاق، بزرگی، شرافت اور دیگر اعلیٰ ترین اوصاف کے بارے میں ہر کس و ناکس کی زبان سے سنا جا سکتا ہے۔ مگر جس چیز کی اہمیت میرے نزدیک سب سے زیادہ ہے وہ ہے ان کی وہ عملی تعلیم اور نصیحتیں، جو انسان کے دل سے احساسِ محرومی کو ختم کرتی ہیں اور مایوسی کے چنگل سے آزاد کراتی ہیں۔

آپ سے ملنے والے ہر شخص پر یہ عنایت عام ہوتی تھی۔ دراصل بات یہ ہے کہ آپ قدس سرہٗ کے ایک کزن نے مال و دولت اور دنیا کی ہوس میں آ کر آپ کی سادگی اور گندی سیاست سے دور رہنے کی پالیسی کو آپ کی کمزوری سمجھتے ہوئے آپ کو مکاری چالاکی، عیاری اور ظالمانہ اقدامات کے ذریعے بے انتہا تکالیف پہنچائیں اور سلطان الاولیاء خواجہ محمد زمان قدس سرہٗ کی امانت میں خیانت کی ناپاک کوشش کی۔ اگر آپ چاہتے تو اپنی لاکھوں کروڑوں کی جائیداد اور اپنے ہزاروں جان نثاروں کی خدمات EXPLOIT کرتے ہوئے ایک کزن کی طرح بلکہ اس کو بھی پیچھے چھوڑتے ہوئے دنیاوی شان و شوکت اور سیاسی مفادات حاصل کرنے میں سرِ فہرست ہو سکتے تھے۔ مگر آپ قدس سرہٗ نے اس امانت کو بچانے کے لیے شدید ترین مخالفت، تکالیف اور اذیتیں برداشت کیں۔ اور صالحین اور شہداء کی طرح اپنے اصولوں پر ڈٹے رہے اور ایک مجسم مثال بن گئے اپنے ملنے والوں کے لیے کہ جس سے ان کے اندر بھی مشکل حالات سے نبرد آزما ہونے کا حوصلہ پیدا ہوا۔

بے شک اگر خداوندِ قدوس ایسی ہستیاں پیدا نہ فرمائے تو اس کی رحمت کی نشانیاں کیسے قائم رہیں۔

Marfat.com

جاتی تھیں۔

آپ قدس سرہٗ کی حاضری سے یہ بات طے شدہ ہے کہ ہر شخص روحانی فیض حاصل کرتا تھا۔ مگر کوئی شخص جب ان کی حاضری سے اٹھ کر آتا تو اُس میں ایک جذبہ پیدا ہوتا تھا حالات کا مقابلہ کرنے کا۔ اسلامی اصولوں کی حقانیّت کو ماننے کا۔ سچ کیا ہے؟ اس کو سمجھنے کا اور غلط اور صحیح کو سمجھنے کا۔

مختصر یہ کہ یہاں سے حقیقتاً خالی ھاتھ کوئی نہیں جا سکتا۔ مگر افسوس اُن پر، جو ناشکرے ہیں۔

صاحب درگاہ لواری شریف کا قول ہے کہ:

"ان کی گدّی قیامت تک قائم رہے گی"

سو جن کے نصیب میں خدا کی رحمت لکھی ہوگی سو یہاں سے تاقیامت فیض حاصل کرتے رہیں گے۔ سُبحان اللہ

وَمَا عَلَيْنَا إِلَّا الْبَلَاغُ الْمُبِيْنُ

Marfat.com

# پنهنجي پاران

مهربان قارئين ڪرام،

گذريل ڇهن سالن کان وٺي هر سال "نشاط پبليڪيشن" حضرت پير بادشاه قدس سره جن جي عرس مبارڪ جي موقعي تي هڪ سوکڙي ڪتاب "پير بادشاه" جي صورت ۾ پيش ڪندي رهي آهي ۽ هرسال جيان هن سال پڻ توهان کي ان موقعي تي حضرت جن جي نئين تحريرن، ارشادات، پيغامات ۽ سوانح حيات تي مشتمل ڪتاب "پير بادشاه پاڳو ستون" پيش ڪري رهي آهي.

بظاهر هن ڪتاب پاڪ جي ترتيب ڏيڻ جو سهرو منهنجي حصي ۾ آيو آهي. مگر حقيقت اها آهي ته انهيءَ ۾ منهنجو ڪوئي ڪمال نه آهي. آءٌ ته گهڻوئي ڍڳس ۽ لڪس، نتايم سنايم مگر قدرت زبردستي جهلي اهو انعام ڪٽي منهنجي جهوليءَ ۾ وڌو.

جيئن حضرت عمر رضي الله عنه آيو ته حضور اڪرم ﷺ جن جو دشمن بنجي پر، مگر حضور جن دعا گهري کيس مسلمان ڪرايو ۽ فاروق اعظم جي لقب سان نوازي ڇڏيو ، تيئن آءٌ به پڄڻ تي ۽ پير بادشاه جهلڻ تي، نيٺ زوري جهلي ڪٽي اهو نيڪ ڪم مون کان ورتائين ۽ ڪتاب "پير بادشاه" جي مرتب جي لقب سان نوازيائين. اهو لقب ڪا معمولي ڳالهه نه آهي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن ڪامل هستي تي لکڻ (۽ پڙهڻ) حقيقت ۾ نجات جو ذريعو آهي ۽ اگر اها هستي وري هجي پير بادشاه پوءِ ته "سون تي سهاڳ" وارو ڪم ٿيو پوي.

اسان هن ڪتاب ۾ اهڙي مواد پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ حضرت جن جا ارشادات يا ڪي خاص عمل يا هدايات جيئن جو تيئن بنا ڪنهن اضافي تبصري جي پيش ڪيل هجن. جنهن جي هڪ جهلڪ توهان کي محترم ﷺ لائق جي مضمون ۾ نظر آئي هوندي. اسين توهان صاحبن

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

Marfat.com

239

تصوف

# پير بادشاهه
# لواري شريف

695

ڀاڳو سٿون

نشات
پبليڪيشن

Marfat.com